هائير ايڊيوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

جلد: پندرهون - شمارو: ٻيو
ڊسمبر 2012ع

ISSN 2219-5912

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

**ايڊيٽر**

پروفيسر محمد سليم ميمڻ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر،
ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي

هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران منظور ٿيل

# ڪلاچي

## تحقيقي جرنل

ايڊيٽر : پروفيسر محمد سليم ميمڻ

ٻانهن ٻيلي : اياز جاني
حبيب الله جاکرو
سڪندر علي ڀند

شمارو : ٻيو، ڊسمبر

سال : 2012ع

ڇپائيندڙ : شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

ڇپيندڙ : پيڪاڪ پرنٽرس، ڪراچي.

ملهه : پاڪستان: 200 رُپيا
پرڏيهه: $10 آمريڪي ڊالر

E-mail **: salbc.ku@hotmail.com**
**saleemmemon@ymail.com**

# ايڊيٽوريل بورڊ


1. پروفيسر ڊاڪٽر محمد قيصر (وائيس چانسلر) سرپرست
2. ڊاڪٽر غلام علي الانا ميمبر
3. ڊاڪٽر فهميده حسين ميمبر
4. پروفيسر محمد سليم ميمڻ ميمبر


**نوٽ:** ڪلاچي تحقيقي جرنل ۾ ڇپجندڙ مقالا جيئن تہ تحقيق تي ٻڌل هوندا آهن، ان ڪري ان جي لکندڙن يا محققن جي خيالن ۽ حوالن سان اداري جو متفق هئڻ ضروري ناهي. تحقيقي مقالا ’هارڊ ڪاپي‘ سان گڏ، ’سافٽ ڪاپي‘ جي صورت ۾ ’سي ڊي‘ يا ’اِي ميل‘ ذريعي موڪليا وڃن، ان سان گڏ محققن جو مختصر تعارف بہ هئڻ لازمي آهي.

# ماهرن جي ڪميٽي

**ڊاڪٽر ايم. ڪي. جيٽلي**
ڊي-127، وويڪ ويهار،
دهلي-110095، ڀارت.

**ڊاڪٽر چيتنو لالواڻي**
مٿر وان، آديتيا بينگلوز،
نوبل نگر، احمدآباد-382340، ڀارت.

**ڊاڪٽر موتي پرڪاش،**
ڊائريڪٽر،
ساڌو هيرانند نيولراءِ اڪيڊمي،
پي او باڪس-10، آديپور، (ڪڇ)،
گجرات-37025، ڀارت.

**ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي**
هيڊ، سنڌي شعبو،
ممبئي يونيورسٽي،
ممبئي، ڀارت.

**ڊاڪٽر روي پرڪاش ٽيڪچنداڻي**
ماڊرن انسٽيٽيوٽ آف لينگوئيجز اينڊ
لٽرري اسٽڊيز،
دهلي يونيورسٽي،
مال روڊ-11007، نئين دهلي، ڀارت.

**پروفيسر پروين ٽالپر**
3330، اولڊ ويسٽل روڊ،
اپارٽمينٽ 1، ويسٽل،
نيويارڪ-13850، آمريڪا.

**پروفيسر جنيفر ايس. ڪول**
ايسوسيئيٽ پروفيسر لنگوئيسٽڪ
اينڊ ڪوگنيٽيو سائنس،
يونيورسٽي آف اليونوئيس ائيٽ اربانا،
ڪئمپينگ 707، ايس مئٿيوز،
اربانا- آئي ايل-61801، آمريڪا.

**پروفيسر علي آساڻي**
پروفيسر آف دي پريڪٽس آف انڊو-مسلم
لينگوئيج آف ريليجن،
بينڪر سينٽر 305،
12 ڪوينسي اسٽريٽ،
هارورڊ يونيورسٽي،
ڪيمبريج، ايم اي 02138، آمريڪا.

**ڊاڪٽر سي. شيڪل**
ڊائريڪٽر،
انسٽيٽيوٽ آف انڊولوجي،
اسڪول آف اورينٽل اينڊ افريڪن اسٽڊيز،
يونيورسٽي آف لنڊن، برطانيا.

# فهرست

## لطيفيات


1. شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ ڪارائي سماج — ڊاڪٽر مشتاق علي لغاري — 11
2. شاهه لطيف جي شاعريءَ جي حيواني ڪردارن ۽ اهڃاڻن جو سماجي لسانياتي اڀياس — نظير احمد ڪوڪر / پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگهيو — 31


## ادب


3. هِند جي سنڌي ڪهاڻيءَ جو تنقيدي جائزو — واسديو موهي — 91
4. سنڌي شاعريءَ جو جمالياتي پهلو ۽ پس منظر — لڇمڻ ڪومل — 103
5. 1980ع کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ناول — ڊاڪٽر جگديش لڇاڻي — 117
6. هڪ نظم "ٻيو ڇا ته ڏيئي سگهجي" جو صرف ونحوياتي تجزيو/مطالعو — مبارڪ علي لاشاري — 135
7. سنڌي ادب ۾ اصطلاحن جو استعمال — مجاهد حسين سولنگي — 147
8. سچل جو خودشناسيءَ کان خداشناسيءَ وارو نظريو — فرح بلوچ — 157


## English Section


9. Translations of Tagore’s writings in Sindhi : A Brief Survey — Dr. Ravi Prakash Tekchandani — 07

# ٻه اکر

**ڪلاچي** تحقيقي جرنل پنهنجي ڪوجنائي سفر جا 15 سال مڪمل ڪري ورتا آهن. انهن 15 سالن مان پهريان 11 سال (1998ع – 2008ع) **ڪلاچي** ٽماهي ۽ پويان 4 سال (2009ع – 2012ع) ڇماهي جرنل جي حيثيت ۾ شايع ٿيندو رهيو. انهن شمارن ۾ ٻه خاص نمبر به ڪڍيا ويا، جن ۾ جمال ابڙي ۽ امر جليل جي فن، فڪر ۽ لکڻين تي خاص مقالا شايع ڪيا ويا، جيڪي پڙهندڙن کي گهڻا پسند آيا.

هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران **'ڪلاچي'** اڪيلو منظور ٿيل جرنل آهي، تنهن ڪري هائير ايجوڪيشن ڪميشن پاران مقرر ڪيل ڏيهان ڏيهي اصولن موجب مقالن جي ڪٿ ۽ تورتڪ ڪئي وڃي ٿي. ڪجهه مقالا معياري هجن ٿا، پر ان ۾ تحقيق جي اصولن ۽ حوالن ڏيڻ جي مجيل طريقن تي عمل نٿو ڪيو وڃي، ته وري ڪجهه مقالا غير معياري به هجن ٿا، جن لاءِ محققن کان معذرت ڪرڻي به پوندي آهي. ڪن کي معيار موجب بڻائڻ لاءِ ماهرن ۽ ڪلاچي سٿ کي ڪافي محنت ڪرڻي پوندي آهي.

ڪجهه عالمن جو اهو خيال آهي ته، اسين پنهنجي مرضيءَ موجب لکون ٿا ۽ تحقيق ڪيون ٿا، توهان جي ڏسيل اصولن موجب ڇو لکون؟ سندن خيال درست آهي، پر دنيا ڪاڏي وڃي رهي آهي ۽ اسان تحقيق جي ميدان ۾ اڃا گهڻو پٺتي رهجي ويا آهيون. ٿوري محنت ۽ ڪوشش سان تحقيق جي مقرر ڪيل اصولن جي پابندي ڪندي، پنهنجي تحقيق/مقالي کي ڏيهان ڏيهي معيار جو بڻائي سگهون ٿا ته پوءِ ٿوري محنت کان ڇو ڪيٻايون.

محققن کي گذارش آهي ته ان ڏس ۾ سهڪار ڪن ۽ پنهنجي تحقيق کي ۽ حوالن کي ڏسيل/مجيل اصولن موجب لکي موڪلين ته سندن وقت به بچندو ۽ اسان کي به ترت شايع ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

**ڪلاچي** ايڊيٽوريل بورڊ جو هڪ سينيئر ميمبر محترم سراج الحق 2- فيبروري 2013ع تي ڪراچيءَ ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ.

سندس لاڏاڻو سنڌي علم ۽ ادب لاءِ هڪ وڏو ڇيهو آهي، جنهن جي تلافي ممڪن نه آهي. سراج الحق صاحب جون علمي، ادبي، صحافتي ۽ تاريخي خدمتون سنڌي علم، ادب، ٻوليءَ ۽ صحافت جا بنيادي ٿنڀ آهن. پاڻ ڪلاچي جي ايڊيٽوريل

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بورڊ سان شروع کان لاڳاپيل رهيا، سندن تجربي ۽ صلاحيتن مان ايڊيٽوريل بورڊ ڀرپور لاڀ پرايو ۽ ڪلاچيءَ کي معياري بڻائڻ ۾ سندن صلاحن ۽ هدايتن کي وڏو عمل دخل هو. افسوس جو پاڻ اڄ اسان ۾ موجود ناهن، پر سندن ڏسيل رهنما اصول اسان لاءِ لاٽ ۽ واٽ جو ڪم ڏيندا رهندا.

ڪراچي يونيورسٽي ۾ سينڊيڪيٽ جي ميمبر جي حيثيت ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر ۾ ڪافي عرصي تائين ميمبر رهيا. ان عرصي دوران سندن رهنمائيءَ ۾ چيئر ڪافي ڪوجنائي ۽ اشاعتي ڪم سرانجام ڏنا.

ايڊيٽوريل بورڊ سندن دکدائک لاڏاڻي تي سندن پونئيرن ۽ ڪٽنب سان دلي عذرخواهي ڪري ٿو ۽ ڏٽيءَ در دعاگو آهي تہ کين پنهنجي رحمتن سان نوازيندو رهي ۽ کين جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏيئي.

**پروفيسر محمد سليم ميمڻ**

ايڊيٽر

Shah Abdul Latif Bhitai Chair